SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XIV مجريه 1997

SINDH ORDINANCE NO.XIV OF 1997

سنڌ ڊيولپمينٽ اٿارٽيز (ترميم) آرڊيننس، 1997

THE SINDH DEVELPMENT AUTHORITIES(AMENDMENT) ORDINANCE, 1997

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1994 جي سنڌ ايڪٽ V جي دفعه 4 ۽ 1995 جي سنڌ ايڪٽ VII ۾ ترميم

Amendment of section 4 of Sindh Act V of 1994 and Sindh Act VII of 1995

3. 1994 جي سنڌ ايڪٽ X ۽ XI جي دفعه 4 ۾ ترميم

Amendment of section 4 of Sindh Act X and XI of 1994

سنڌ آرڊيننس نمبر XIV مجريہ 1997

SINDH ORDINANCE NO.XIV OF 1997

سنڌ ڊيولپمينٽ اٿارٽيز (ترميم) آرڊيننس، 1997

THE SINDH DEVELPMENT AUTHORITIES (AMENDMENT) ORDINANCE, 1997

[29 آڪٽوبر، 1997]

تمهيد (Preamble)

سنڌ صوبي جي ڪيترن ئي علائقن ۾ لاڳو ترقياتي اختيارين بابت ڪجھ قانونن ۾ ترميم جو آرڊيننس.

جڏهن ته سنڌ صوبي جي ڪيترن ئي علائقن ۾ نافذ ترقياتي اٿارٽيز سان لاڳاپيل ڪيترن ئي قانونن ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون

آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ ڊيولپمينٽ اٿارٽيز (ترميم) آرڊيننس، 1997 سڏيو ويندو.

(2) هيءُ 18 جون 1997 کان نافذ العمل سمجهيو ويندو.

1994 جي سنڌ ايڪٽ V جي دفعہ 4 ۽ 1995 جي سنڌ ايڪٽ VII ۾ ترميم
Amendment of section 4 of Sindh Act V of 1994 and Sindh Act VII of 1995

2. سيوهڙ ڊيولپمينٽ ايڪٽ (3)، 1993 ۽ بدين ڊيولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1995 ۾، دفعہ 4 ۾، ڄاڻايل دفعہ (1) ۾، شق (a) ۽ (b) جي لاءِ، هيٺ ڄاڻايل کي تبديل ڪيو ويندو ۽ رهيل شق کي انهيءَ جي مطابق ٻيهر نمبر ڏنو ويندو:-

"(a) حيدرآباد ڊويزن جو ڪمشنر **چيئرمين**"

1994 جي سنڌ ايڪٽ X ۽ XI جي دفعہ 4 ۾ ترميم
Amendment of section 4 of Sindh Act X and XI of 1994

3. لياري ڊيولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1993 ۽ ملير ڊيولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1993 جي دفعہ 4 ۾-

(i) ڄاڻايل دفعہ (1) ۾، شق (a) جي لاءِ، هيٺ ڄاڻايل کي تبديل ڪيو ويندو:-

"(a) ڪراچيءَ ڊويزن جو ڪمشنر **چيئرمين**"

(i) ذيلي دفعہ (2) کي ختم ڪيو ويندو.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.